# تُنهِنجي دِينَ جي ڪاميابي

**(30-October-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



30 آڪٽوبر 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 7 جمادي الاول 1447ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ٿنهنجي دِينَ جي ڪاميابي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ... هڪ قافلي جو درد ڀريو داستان ......
- ... غيب مان انگور نصيب ٿيا ......
- ... بهترين زندگي ......
- ... راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جو انوکو اثر ......

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دروِد پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عاليشان آهي:** فرض حج ڪريو بيشڪ ان جو ثواب **20** غزوات ۾ شرڪت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ منهنجي مٿان هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهڻ، ان جي برابر آهي.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر
سدا سلام کہو، عمر بھر دُرُود پڑھو
عَبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو
خُدا کی تم پہ ہو رحمت، اگر دُرُود پڑھو (2)

**وضاحت:** جهنم جي باهه کان بچائڻ واري، احسان فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ سڄي عمر درود ۽ سلام جا نذرانا پيش ڪندا رهو، جيڪڏهن پنهنجي بداعمالين جي ڪري تڪليفن يا مصيبتن ۾ گهيريل آهيو ته درود پڙهو الله پاڪ جي رحمت جا حقدار بڻجي ويندؤ.

---

1... فردو س الاخبار، جلد:1، صفحه:339، حديث:2484-

2... نورايمان، صفحه:57-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِعملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[(1)]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ دين جي خدمت ڪرڻ، قرآن ۽ سنت جي تعليم ۽ اسلامي اخلاق، ڪردار ۽ ثقافت کي عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. اَلحمدُ لِلّٰه! سڄي دنيا ۾ ڪاميابيءَ سان دين جي خدمت جو ڪم جاري آهي. دعوتِ اسلامي جي **مرڪزي مجلسِ شوريٰ** پاران **نومبر مهيني** کي **ماهِ قافلہ** طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

ڪجهه عاشقانِ رسول گڏجي **دارُالسُنَّۃ** مان سَمت(يعني طَرف) وٺي، باقاعدي طئي ٿيل طريقيڪار مطابق ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر، مسجد مسجد ويندا آهن، دين جو علم سکندا ۽ سيکاريندا آهن، نيڪيءَ جي دعوت عام ڪندا آهن، مسجد ڀريو تحريڪ هلائيندا آهن ۽ دين جي خدمت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. **ان کي قافلو چيو ويندو آهي-** قافلو دين جي خدمت ۽ تبليغ ڪرڻ جو

---

1... بخاري، ڪِتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1-

بهترين ذريعو آهي. سڄي دنيا ۾ ديني تعليمات کي عام ڪرڻ ۽ دلين ۾ دين جي محبت پيدا ڪرڻ جو سڀ کان ڪامياب ذريعو قافلو ئي آهي.

دعوتِ اسلاميءَ جيتوڻيڪ هڪ منظم طريقي سان قافلن جو سلسلو شروع ڪري رکيو آهي، پر قافلن جو اهو سلسلو ته شروع کان ئي جاري آهي. ❁پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به قافلا روانا فرمايا هئا، ❁صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پڻ قافلن ۾ سفر فرمائيندا هئا ۽ ❁انهن کانپوءِ علماءِ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم به هن سلسلي کي جاري رکيو. اچو ته صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي هڪ قافلي جو درد ڀريو داستان ٻڌون ٿا:

## هڪ قافلي جو درد ڀريو داستان

**بَنُولِحيان** عرب جو هڪ غير مسلم قبيلو هو. هڪ ڀيرو اُن قبيلي جا ڪجهه ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ صرف منافقت جي بنياد تي چوڻ لڳا: اسان دينِ اسلام سکڻ چاهيون ٿا، توهان کي عرض آهي ته ڪجهه صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي اسان سان گڏ روانو ڪريو ته جيئن اهي اسان کي دين سيکارين. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن درخواست قبول فرمائي ۽ 6، **7** يا **10** صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جو هڪ قافلو انهن سان گڏ روانو فرمائي ڇڏيائون. حضرت عاصم يا حضرت مَرثد رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي اُن قافلي جو امير بڻايو ويو.

انهن اصحابن مديني جون عجوه کجور پاڻ سان گڏ کنيون. روايتن ۾ آهي ته رستي ۾ اِهي حضرات کجور کائي گذارو ڪندا رهيا. جڏهن هي مبارڪ قافلو دين جي تعليم کي عام ڪرڻ جي مقصد سان **رجيع** نالي هڪ جاءِ تي پهتو ته **بنولِحيان** قبيلي وارن ساڻن غداري ڪئي. سندن ڀِريان کان ئي خفيه منصوبو نهيل هو، هن جاءِ تي اڳ ۾ ئي **100** يا **200** جي لڳ ڀڳ ماڻهو

موجود ھئا، جن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ڪي گھيري ۾ آڻي مٿن تير وسائڻ شروع ڪيا! ھن حملي ۾ 7 صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم شھيد ٿي ويا. حضرت عاصم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ، جيڪي ھن قافلي جا امير ھئا، اھي بہ شھيد ٿي ويا. ٽي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ۞ حضرت خُبَيب ۞ حضرت زيد ۞ ۽ حضرت عبد اللّٰه بن طارق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم قيد ڪيا ويا. (1)

## حضرت عاصم جي غيب مان حفاظت

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن موقعي تي ھڪ تمام ايمان افروز واقعو بہ پيش آيو، توھان ڏسو تہ جيڪي دين جي خدمت جي لاءِ پنھنجيون زندگيون وقف ڪري ڇڏيندا آھن، اللّٰه پاڪ انھن کي ڪيڏي نہ عظمت عطا فرمائيندو آھي. روايت آھي تہ حضرت عاصم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ دعا ڪئي ھئي تہ: **يا اللّٰه پاڪ! مون کي اھڙي توفيق عطا فرماءِ جو نہ مان ڪنھن مشرڪ کي ھٿ لڳايان ۽ نہ ئي ڪو مشرڪ مون کي ھٿ لڳائي.**

تنھنڪري جڏھن پاڻ شھيد ٿي ويا تہ **بنولِحيان** قبيلي وارن چاھيو تہ سندن مٿو مبارڪ انھن جي جسم کان جدا ڪيو وڃي، پر قربان وڃجي! اللّٰه پاڪ سندن غيبي حفاظت ھينئن فرمائي جو اوچتو تمام گھڻيون ماکيءَ جون مکيون اچي ويون، انھن مکين کين پنھنجي گھيري ۾ آڻي ڇڏيو. اھڙيءَ طرح مشرڪ انھن کي ھٿ لڳائڻ کان باز رھيا. (2)

رَبّ کے دَر پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافِلے میں چلو!
غیبی اِمداد ہو، گھر بھی آباد ہو | لُطفِ حق دیکھ لیں، قافِلے میں چلو! (3)

1...شرح زرقانی مع مواھب اللدنیہ، کتاب المغازی، بعث الرجیع، جلد:2، صفحہ:477-479 ملخصاً
2... شرح زرقانی مع مواھب اللدنیہ، کتاب المغازی، بعث الرجیع، جلد: 2، صفحہ:494-495 ملخصاً ۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:671و 672 ملتقطاً۔

## حضرت خُبَيب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي تهجد گذاري

پيارا اسلامي ڀائرو! باقي جيڪي ٽي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جن کي بنو لحيان قبيلي وارن قيد ڪيو هو، انهن کي هنن مڪي وارن جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهلِ مڪہ انهن کي ڪجهہ ڏينهن قيد ۾ رکيو ۽ پوءِ دردناڪ طريقي سان شهيد ڪري ڇڏيو.

انهن مان حضرت خبيب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو واقعو تمام ايمان افروز آهي. پاڻ مڪي مڪرمہ جي هڪ گهر ۾ قيد هئا. روايتن ۾ آهي تہ حضرت خُبيب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ قيد جي حالت ۾ بہ روزانو تهجد جي وقت بلند آواز سان تلاوت فرمائيندا هئا. سندن پرسوز تلاوت ٻڌي مڪي جون عورتون گڏ ٿي وينديون هيون ۽ قرآن ٻڌي روئنديون هيون.[1]

سُبۡحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏو نہ اعليٰ شان آهي ...!! اهي عظيم الشان قافلي جا مسافر، جن جو استقبال تيرن ۽ تلوارن سان ڪيو ويو، جن جي ساٿين کي شهيد ڪري کين قيد ڪيو ويو، جڏهن پاڻ قيد جي حالت ۾ بہ پنهنجو جدول (يعني زندگي جو معمول مبارڪ) ڀرپور طريقي سان هلائي رهيا هئا، روزانو تهجد جو اهتمام فرمائيندا هئا ۽ تمام گهڻي تلاوت فرمائيندا هئا.

## تهجد جون فضيلتون

ڪاش! اسان کي بہ اهڙي سعادت ملي وڃي، اسان تہ قيد ۾ بہ نہ آهيون، آزاد آهيون، ڪاش! تهجد پڙهڻ وارا بڻجي وڃون. اللّٰہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَمِنَ الَّیۡلِ فَتَهَجَّدۡ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ
(پارو:15، سورة بني اسرائيل:79)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ رات جي ڪجهہ

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:671و 672 ملتقطًا.

حصي ۾ تهجد پڙهه، هي خاص تنهنجي
واسطي زيادهه آهي.

۞ **حديث پاڪ ۾ آهي:** فرض نماز کان پوءِ سڀ کان افضل نماز رات ۾ پڙهي وڃڻ واري نماز آهي.

۞هڪ روايت ۾ آهي ته جيڪو ٻانهو رات جو اٿي وضو ڪندو آهي ته الله پاڪ فرشتن کي فرمائيندو آهي: منهنجي هن ٻانهي کي ڏسو جيڪو پنهنجي نفس کي مون کان سوال ڪرڻ تي مائل ڪري رهيو آهي، اِهو شخص مون کان جيڪو ڪجهه گهرندو، اُن کي عطا ڪيو ويندو. (1)

۞پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن سڀئي ماڻهو هڪ ئي جاءِ تي گڏ ٿيندا، پوءِ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو ته ڪاٿي آهن اُهي ماڻهو جن جا جسم بسترن کان جدا رهندا هئا؟ پوءِ اهي ماڻهو اٿي بيهندا ۽ اهي تعداد ۾ تمام ٿورا هوندا ۽ بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا، پوءِ ٻين ماڻهن جو حساب شروع ٿيندو. (2)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته! رات جي نماز (جهڙوڪ تهجد پڙهڻ) جا ڪيترا نه عظيم فضائل آهن. اَلحمدُلِلّٰه! ۞ تهجد جي نماز جنت ۾ وٺي وڃڻ واري ۞ برڪت ڏيارڻ واري ۞ ۽ ربِ ڪريم جي رضا ڏيارڻ واري آهي.

تهجد گذار بڻجڻ جو هڪ آسان طريقو هي به آهي ته اسان قافلن جا مسافر بڻجي وڃون. اَلحمدُلِلّٰه! قافلي جي جدول ۾ ۞ تهجد جي نماز ۞ اشراق ۽ چاشت جي نماز ۞ نمازِ اوابين ۞ ۽ نمازِ توبهه به شامل آهي. تنهنڪري

---

1...مسلم، كتاب الصيام، باب فضل صوم المحرم، صفحه:424، حديث:1163۔
2...ابن حبان، كتاب الطهارة، باب ذكر البيان بان...الخ، صفحه:385-386، حديث:1052 ملتقطاً۔

قافلن جا مسافر بڻجي وڃو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تهجد گذار بڻجڻ جي توفيق به نصيب ٿي ويندي.

## غيب مان انگور نصيب ٿي ويا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خُبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مڪي مڪرمه ۾ غير مسلمن جي گهر ۾ قيد هئا. انهن کي قيد ڪرڻ وارن مان ڪنهن ڪائنن پڇيو: اي خُبيب! ڪنهن شيءِ جي ضرورت آهي؟

هاڻي صحابيءِ رسول جا پيارا پيارا جذبات پڙهو! فرمايائون: ها! مون کي اهڙن جانورن جو گوشت نه کارائجو جن کي غيرالله جي نالي تي ذبح ڪيو ويو هجي ۽ جڏهن مڪي وارا مون کي شهيد ڪرڻ لڳن ته ان کان پهريان مون کي ان جي خبر ڏئي ڇڏجو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙا نه پيارا جذبات آهن. قيد جي حالت ۾ به ڪين حلال کاڌي کائڻ جو فڪر آهي ڇاڪاڻ ته هي مڪي وارا غير مسلم آهن، متان اهي مون کي حرام گوشت کارائي ڇڏين، تنهنڪري پاڻ انهن کي درخواست ڪيائون ته مون کي حرام گوشت نه کارايو وڃي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي ڪافر هئا. اتي حلال گوشت ڪٿان ميسر ٿي سگهيو ٿي، ظاهر آهي جڏهن اُهي هئا ئي ڪافر ته اسلامي طريقي سان جانور ڪيئن ذبح ڪري سگهيا ٿئي. الله پاڪ حضرت خُبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي رزقِ حلال ڪيئن پهچايو، پڙهو! روايت آهي ته حارث، جنهن جي گهر ۾ پاڻ قيد هئا، ان جي نياڻيءَ جو چوڻ آهي ته مان خبيب کان بهتر قيدي ڪڏهن به نه ڏٺو، هڪ ڏينهن مون دروازي مان جهاتي پائي ڏٺو ته سندن هٿ ۾ انسان جي قد

1... شعب الايمان، باب فی الصلوات، تحسين الصلاة...الخ، جلد:3، صفحه:169، حديث:3244۔

جيترو وڏو انگورن جو ڇڳو هو. پاڻ انگور کائي رهيا هئا، جڏهن ته انهن ڏينهن ۾ مڪي ۾ انگور موجود نه هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! دين جي خدمت جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ وارن، هن عظيم ترين قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن تي الله پاڪ جي ڪرم نوازي ڏسو! رب ڪريم ڪين غيب مان رزق عطا فرمائي رهيو هو.

## قافلي وارن تي ڪرم ٿي ويو

هي ته صحابهءِ ڪرام جو عظيم ترين قافلو هو. اَلحمدُلِلّٰه! صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي صدقي اڄ به جيڪي عاشقانِ رسول سان گڏ قافلن جا مسافر بڻجندا آهن، الله پاڪ جي فضل سان انهن تي به ڪرم ٿي ويندو آهي. مدينة الاوليا، ملتان (پنجاب، پاڪستان) جو هڪ اسلامي ڀاءُ هو. ويچارو بيروزگار هو. نوڪريءَ جي لاءِ ڪيترن ئي جاين تي درخواست ڏئي چڪو هو پر ڪين ناڪاميءَ ڪانسواءِ ڪجهه به هٿ نه آيو. هڪ دفعو سندن ملاقات هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، اسلامي ڀاءُ ڪين قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏني. سندن ذهن بڻجي ويو ۽ سچي دل سان قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ نالو لکرائي ڇڏيائون. سندن چوڻ آهي ته: اڃان قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ئي ڪئي هئي ته هڪ ڪمپنيءَ طرفان نوڪريءَ جي آفر اچي وئي، تنهنڪري مون انٽرويو ڏنو ۽ پوءِ قافلي جو مسافر بڻجي ويس. اڃان قافلي ۾ سفر ڪندي به ڏينهن ئي مَسَ گذريا هئا ته ڪمپنيءَ طرفان اطلاع ڏنو ويو ته توهان انٽرويو ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيو. اهڙي طرح اَلحمدُلِلّٰه! قافلي جي برڪت سان مون کي روزگار ملي ويو.[2]

نوکری چاہئے، آیئے آیئے | قافلے میں چلیں، قافلے میں چلو

1... شرح زرقانى مع مواهب اللدنيه، كتاب المغازى، بعث الرجيع، جلد: 2، صفحه:483 ملتقطاً.
2... سبل الهدىٰ ، جماع ابواب سراياه...الخ، الباب الخامس عشر...الخ، جلد:6، صفحه:43 ملتقطاً.

تنگدستی مٹے دور آفت ہٹے | لینے کو برکتیں، قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر | آؤ سارے چلیں قافلے میں چلو (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت خُبَيب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيڪي قيد ۾ هئا، آخرڪار مڪي وارن ڪين شهيد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تنهنڪري انهن کي اتان ڪڍي **مقامِ تنعيم** تي وٺي ويا. مڪي جا ماڻهو جيئن ته سندن اخلاق کان تمام گهڻو متاثر هئا، تنهنڪري مڪي جا تمام گهڻا ماڻهو جن ۾ ٻار ۽ عورتون به شامل هئا سندن پويان پويان **تنعيم** جي مقام تي پهچي ويا. ماڻهن جو هڪ تمام وڏو هجوم هو. حضرت خُبيب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: مون کي بس ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ ڏيو ....!!

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضرت خُبيب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پهريون شخص آهي جنهن شهادت جي وقت ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ جي سنت قائم ڪئي. (2)

نماز پڙهڻ کان پوءِ حضرت خُبيب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي زنجيرن سان ٻڌو ويو. ان وقت مڪي وارا چوڻ لڳا: اسلام کان ڦري وڃو! اوهان کي آزاد ڪيو ويندو. پاڻ جذبهءِ ايمانيءَ سان سرشار تي فرمايائون: **زمين تي جيڪو ڪجھ آهي، جيڪڏهن اهو سڀ ڪجھ مون کي ڏنو وڃي، تڏهن به مان اسلام کان نه ڦرندس.**

غير مسلمن چيو: ڇا تون اهو پسند ڪندين ته هِن وقت تنهنجي جاءِ تي، توهان جو نبي محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هجي ها ۽ تون آرام سان پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ ويٺو هجين ها؟ پاڻ فرمايائون: خدا جو قسم! مان

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:671-675 ملتقطاً
2... بخاری، کتاب المغازی، باب غزوۃ الرجیع، صفحہ:1026، حدیث:4086۔

تہ اهو بہ پسند نہ ٿو ڪريان تہ منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪو هڪ ڪنڊو بہ لڳي ۽ مان آرام سان ويٺو هجان. غير مسلمن پيهر چيو: اي خُبيب! اسلام کان ڦري وڃ! نہ تہ اسان توکي قتل ڪري ڇڏينداسين. فرمايائون: جان جو نذرانو تہ تمام گهٽ آهي (اسلام جي لاءِ تہ ان کان بہ وڏيون قربانيون ڏيڻ گهرجن).

کروں تیرے نام پہ جاں فدا، نہ بس ایک جاں، دوجہاں فدا
دو جہاں سے بھی نہیں جی بھرا، کروں کیا کروڑوں جہاں نہیں (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي حضرت خُبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ماڻهن جي هجوم تي نظر وڌي ڏٺائون تہ اتي سڀ غير مسلم ئي هئا، پاڻ الله پاڪ جي حضور عرض ڪيائون: ياالله پاڪ! هتي تہ مون کي سڀ دشمن ئي نظر اچي رهيا آهن، انهن مان ڪو بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ منهنجو سلام نہ پهچائيندو. اي مالڪِ ڪريم! تون ئي منهنجو سلام محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ پهچاءِ.

حضرت اسامہ بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: بلڪل انهيءَ وقت پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدينہ منوره ۾ صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي وچ ۾ تشريف فرما هئا، حضرت جبرائيل امين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ حضرت خُبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو سلام پهچايائون.

هاڻي مڪي وارن حضرت خُبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي دردناڪ طريقي سان شهيد ڪري ڇڏيو. پاڻ زخمن سان چُور ٿي زمين تي ڪري پيا، سندن چهرو مبارڪ قبلي جي طرف ٿي ويو ۽ روح پرواز ڪري ويو. مڪي وارن بار بار سندن چهرو قبلي کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندن چهرو قبلي جي طرف ئي رهيو. (2)

---

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:109۔
2... سبل الہدیٰ ، جماع ابواب سراياه...الخ، الباب الخامس عشر...الخ، جلد:6، صفحہ:43-45 ملتقطاً۔

امیں ہیں یہ قرآن و دِینِ خُدا کے | مدارِ ہدیٰ اعتبارِ صحابہ
نمایاں ہیں اِسلام کے گلستاں میں | ہر اِک گل پہ رنگِ بہارِ صحابہ
یہ مہریں ہیں فرمانِ ختم الرُّسُل کی | ہے دِینِ خُدا شاہکارِ صحابہ

# منهنجي زندگيءَ جو مقصد تنهنجي دين جي ڪاميابي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هڪ عظيم ترين قافلي جو دردن ڀريو داستان ٻڌو، ان مان هڪ ڳالهه ته اها معلوم ٿي ته صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم به دين جي خدمت لاءِ قافلن ۾ سفر فرمائيندا هئا. ۞ اهو به معلوم ٿيو ته صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ڪي ڪڏهن ڪڏهن انهن قافلن ۾ تمام گهڻيون مشقتون به برداشت ڪرڻيون پونديون هيون. اڄ جڏهن اسان قافلن جا مسافر بڻجندا آهيون ته ماڻهو وڏي عزت سان نوازيندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن ته قافلي وارن لاءِ کاڌي جو انتظام به ڪيو ويندو آهي، ماڻهو قافلي وارن کان پنهنجي لاءِ دعائون ڪرائيندا آهن.

پر قربان وڃجي! صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جڏهن دين جي راهه جا مسافر بڻجندا هئا ته سندن استقبال تيرن ۽ تلوارن سان ڪيو ويندو هو، اُهي خوشنصيب دين جي راهه جا مسافر بڻجندا هئا ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيندا هئا، ان جي باوجود به اهو ئي چوندا هئا ته هيءَ ته هڪ جان هئي، دين جي خاطر فقط اهو نذرانو تمام گهٽ آهي. يعني صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جا هي جذبا هئا ته:

میری زندگی کا مقصد تیرے دِیں سرفرازی | میں اسی لیے مسلماں، میں اسی لیے نمازی

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان ٿورو غور ڪريون ته صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ته دين جي خاطر پنهنجيون جانيون به قربان ڪري ڇڏيون ...!! اسان ڇا ڪيو آهي؟ اسان اڄ تائين دين ڪي ڇا ڏئي سگهيا آهيون؟ ۞ اڄ اسان کان جانيون نه ٿيون گهريون وڃن ۞ وڏيون وڏيون قربانيون اسان کان نه ٿيون طلب

ڪيون وجن ۞ رڳو هڪ وقت آهي، اهو به اسان دين کي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهيون. ڪاش! اسان صحيح معنيٰ ۾ دين جا خدمتگار بڻجي وڃون.

## غيبي مدد حاصل ڪرڻ جو نسخو

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اِنۡ تَنۡصُرُوا اللّٰهَ يَنۡصُرۡكُمۡ (پارو: 26، سورة محمد: 7) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ ته الله توهان جي مدد ڪندو. |

هڪ ٻئي مقام تي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَيَنۡصُرَنَّ اللّٰهُ مَنۡ يَّنۡصُرُهٗ (پارو: 17، سورة حج: 40) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ الله ان جي ضرور مدد فرمائيندو جيڪو ان جي دين جي مدد ڪندو. |

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙيون نه اميدن ڀريون آيتون آهن. الله پاڪ اهو نه فرمايو ته توهان جي مدد ڪهڙي معاملي ۾ ڪئي ويندي. مطلقاً فرمايو ويو ته توهان دين جا خادم بڻجي وڃو! الله پاڪ توهان جي مدد فرمائيندو. بس پوءِ جيڪا به مشڪل هجي، جيڪا به پريشاني هجي ۞ بيروزگاري آهي ۞ پريشان حالي آهي ۞ تنگدستي آهي ۞ بيماري آهي ۞ امڙ بيمار آهي يا بابو اسپتال ۾ آهي ۞ قبر ۽ آخرت جي معاملن جو خوف آهي ۞ يا جنت جي طلب آهي. مطلب ته ڪهڙي به جائز خواهش هجي، ڪهڙي به مشڪل هجي، دين جا خادم بڻجي وڃو! الله پاڪ غيب مان مدد فرمائيندو.

## 19 سال پراڻو مرض ختم ٿي ويو

ڪراچي (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، ته مان تقريباً **19** سالن کان ساهه جي تڪليف ۾ مبتلا هئس. مون کي تمام گهڻي پريشاني

هئي. اڪثر ڪري تڪليف جي شدت تمام گهٽي وڏي ويندي هئي. هر وقت انهيءَ فڪر ۾ رهندو هيس تہ مون کي آرام ڪيئن ملندو. آخرڪار هڪ دفعي دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول سان گڏ قافلي جو مسافر بڻجي ويس. مدني قافلي جي برڪت سان مون کي تمام گهڻو دين جو علم سکڻ جو موقعو مليو ۽ ان سان گڏوگڏ اها برڪت بہ ملي تہ اَلحمدُلِلّٰه! 19 سال پراڻي ساهہ جي تڪليف واري بيماري کان ڇوٽڪارو ملي ويو. (1)

گرچہ بیماریاں، ہوں کہیں پتھریاں
پاؤ گے صحّتیں، قافِلے میں چلو!
دُور ہوں گے اَلَم ہوگا ربّ کا کرم
غم کے مارے سُنیں، قافلے میں چلو!
ماں جو بیمار ہو، یا وہ ناچار ہو
رنج و غم مَت کریں، قافِلے میں چلو! (2)

## بهترين زندگي

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي دين جي خدمت ڪرڻ جون برڪتون آهن. مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رحمةُاللهِعليه لکن ٿا: زندگي هر شخص جي گذري ويندي آهي پر بهترين زندگي اها آهي جيڪا الله پاڪ جي لاءِ وقف ٿي وڃي. (3)

ڪاش! اسان پنهنجو پاڻ کي دين جو مستقل خادم بڻائي ڇڏيون. اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡکَرِيۡم! ان جي برڪت سان دنيا بہ سنورجي ويندي ۽ آخرت ۾ بہ بيڙا پار ٿي ويندا.

## اصحابِ صُفہ ۽ دين جي خدمت

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان پنهنجي بزرگن جي زندگين ڏانهن نظر ڪريون تہ خبر پوندي تہ هنن پنهنجون زندگيون دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون. سڀ کان پهريان تہ اصحابِ صفہ کي ئي ڏسو! اهي پهريان

---

1... مفلوج کی شفا یابی کا راز، صفحہ:11-12ملخصاً۔
2... مفلوج کی شفا یابی کا راز، صفحہ:11-12ملخصاً۔
3... وسائل بخشش، صفحہ:673۔

صحابهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم هئا جن مسجدِ نبوي شريف ۾ صفه نالي جاءِ تي قيام ڪيو هو. انهن خوشنصيب اصحابن پنهنجو پاڻ کي دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. ۞ انهن پنهنجي لاءِ ڪو گهر نه ٺاهيو هو ۞ ڪپڙا وٽن صرف ايترا هوندا هئا جو بس اوگهڙ مشڪل سان ڍڪجي سگهندي هئي ۞ سندن ڪيترائي ڏينهن بُکن ۾ گذري ويندا هئا ۞ ڪڏهن ڪڏهن ته سندن اهڙي حالت ٿي ويندي هئي جو بک جي سبب ڪائنن هلڻ مشڪل ٿي پوندو هو، ڪجهه صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم بيهوش ٿي ڪِري پوندا هئا. انهن سيني مشقتن جي باوجود به هي حضراتِ عالي وقار، دين سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف رهندا هئا. سندن شان ۾ قرآني آيتون نازل ٿيون، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَطْرُدِ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِیِّ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ (پارو: 7، سورة انعام: 52) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن ماڻهن کي پري نه ڪريو، جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سندس رضا چاهيندي پڪارين ٿا. |

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهي خوشنصيب، نيڪ دل مسلمان جيڪي صبح ۽ شام الله پاڪ کي پڪاريندا آهن، سندس عبادت ڪندا آهن، فقط الله پاڪ جي رضا جا طلبگار آهن، انهن کي پاڻ کان پري نه ڪريو. (1)

هڪ ٻئي مقام تي فرمايو ويو: اي محبوب صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! انهن اصحابِ صفه کي فرمايو!

| | |
|---|---|
| سَلٰمٌ عَلَیْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ (پارو: 7، سورة انعام: 54) | ترجموڪنزالعرفان: ”توهان تي سلام“ توهان جي رب پنهنجي ذمهٔ ڪرم تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. |

سُبۡحٰنَ الله! ڪيڏا نه شان وارا آهن، الله پاڪ کين سلامتيءَ جون دعائون ڏيڻ

1... ابن ماجه، کتاب الزہد، باب مجالسة الفقراء، صفحه:671، حديث:4127ملخصاً۔

جو حڪم فرمائي رهيو آهي ۽ خوشخبري ٻڌائي رهيو آهي تہ اللّٰہ پاڪ توهان جي لاءِ رحمت پنهنجي ذمي تي لازم فرمائي ڇڏي آهي. سُبْحٰنَ الله!

## حضرت حَبِيب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ديني خدمت

اهڙيءَ طرح اڳين امتن ۾ ڏسو! حضرت حبيب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، جن جو ذڪر **سورة يٰسين شريف** ۾ آيو آهي. سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نہ شان سان دين جي خدمت ڪيائون، ٻڌو! اللّٰہ پاڪ هڪ علائقي ڏانهن ٽي رسول موڪليا. ان علائقي وارن انهن رسولن جو انڪار ڪيو ۽ کين ڏاڍو ستايو، حضرت حبيب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيڪي ان ئي وَسَندي جي ڪناري تي رهندا هئا، انهن کي جڏهن اها خبر پئي تہ دين جي خدمت جي جذبي تحت ڊوڙندا آيا ۽ قوم کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيندي فرمايائون: اي قوم! انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي اطاعت ڪريو! هي اللّٰہ پاڪ جا نبي آهن، هدايت تي آهن، توهان کان ڪجهہ گهري نہ رهيا آهن. پوءِ بہ توهان سندن نافرماني ڪري رهيا آهيو.

اللّٰهُ اڪبر! اها قوم جيڪا نبين جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئي، انهن جي ڳالهہ ڪتان تي ٻڌي ...! تنهنڪري ماڻهن پٿرن سان ماري ماري کين شهيد ڪري ڇڏيو.(1)
اُن دين جي عظيم خدمتگار کي ڪهڙو شرف مليو، اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قِيۡلَ ادۡخُلِ الۡجَنَّةَ ؕ<br>(پارو: 23 ، سورة يٰسين: 26) | ترجمو ڪنزالعرفان: (ان کي) فرمايو ويو تہ تون جنت ۾ داخل ٿي وڃ. |

يعني سندن خطائون معاف ڪيون ويون، کين عزتون عطا ڪيون ويون ۽ حڪم ٿيو: جنت ۾ داخل ٿي وڃ!

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! تورو غور ڪريو تہ حضرت حبيب رحمةُاللهِعليه

1...تفسيربغوی، پاره:23 ، سورۂ یٰسین،زیرِ آیت:25، جلد:3، صفحہ:638 بتصرف ـ

پاڻ خدا جي راهه جا مسافر نه هئا. پر انهن ٽن نبين جي ديني قافلي جي مدد لاءِ ڪُوٺ مان ئي شامل ٿيا ۽ دين جي خدمت جي جذبي تحت شهيد ٿي ويا ته الله پاڪ کين ڪيترو نه اعليٰ مقام عطا فرمايو.

## بُزُرگانِ دين ۽ دين جي خدمت

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙيءَ طرح بزرگانِ دين جي سيرت پڙهو! ۞ حجة الوداع جي موقعي تي تقريباً **1** لک **24** هزار صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم موجود هئا، جڏهن ته بقيع پاڪ ۾ صرف **10** هزار اصحابن جون مزارون آهن، بقايا **1** لک **14** هزار صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم مديني شريف ۾ دفن نه ٿيا، سيني سفر فرمايو، ٻين علائقن ۾ پهچي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪيائون ۽ اتي ئي سندن مزارون نهيون ۞ پاڪستان ۾ به اصحابن جون مزار موجود آهن ۞ اهڙيءَ طرح حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ولادتِ پاڪ جيلان ۾ ٿي پر سندن مزارِ شريف بغداد ۾ آهي، پاڻ دين جي خدمت خاطر بغداد ويا، سڄي زندگي دين جي خدمت ڪندا رهيا ۽ آخرڪار اتي ئي وصال فرمايائون ۞ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ولادت غزني ۾ ٿي پر سندن مزار پاڪ لاهور ۾ آهي ۞ حضور خواجه غريب نواز رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ولادت سجستان ۾ ٿي، پر سندن مزار پاڪ اَجمير شريف هندستان ۾ آهي. مطلب ته انهن الله وارن جي زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد هو ته:

میری زندگی کا مقصد تیرے دِیں کی سرفرازی | میں اسی لیے مسلماں، میں اسی لیے نمازی

بس ان ئي ديني جذبي تحت اِهي حضرات پري پري جا سفر ڪندا هئا، پنهنجو گهر ٻار ڇڏيندا هئا، پنهنجي ٻارن کان به پري رهندا هئا، مشقتون به برداشت ڪندا هئا ۽ دين جي خدمت ۾ مصروف رهندا هئا.

## راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان به پنهنجو اهڙو ذهن بڻايون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! نومبر مهينو قافلن جو مهينو آهي. ڪثير تعداد ۾ اسلامي ڀائر قافلن جا مسافر بڻجندا. توهان به نيت ڪريو! ڪاروبار ته هلندا ئي رهندا آهن، ڪم آهن جيڪي نه ڪڏهن ختم ٿيا آهن، نه ڪڏهن ختم ٿيڻا آهن. هيءَ دنيا آهي، هلندي ئي رهندي. اسان پنهجو ذهن بڻايون، قافلي جا مسافر بڻجي وڃون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بگڙيل ڪم بڻجي ويندا. ❀ بخاري ۽ مسلم جي روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جي راهه ۾ صبح يا شام ڪرڻ، دنيا ۽ جيڪو ڪجهه دنيا ۾ آهي، ان سڀ کان بهتر آهي.[1] ❀حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪنهن به ٻانهي تي راهِ خدا جي دَزَ ۽ دوزخ جي باهه ٻئي گڏ نه ٿا ٿي سگهن.[2]

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا ته راهِ خدا جي دَزَ اها دَزَ آهي جيڪڏهن اها جسم، ڪپڙن، پيرن يا چهري تي لڳي وڃي ته حديث پاڪ جي معنيٰ هيءَ آهي ته جيئن به هڪ ٻئي جي ضد واريون شيون گڏ نه ٿيون ٿي سگهن (جيئن باهه ۽ پاڻي) تيئن ئي الله پاڪ راهِ خدا جي دَزَ ۽ جهنم جي باهه کي هڪٻئي جو ضد بڻائي ڇڏيو آهي. اهي ٻئي هڪ جاءِ تي گڏ نه ٿا ٿي سگهن.[3]

## الله پاڪ جا محبوب ٻانها

پياري نبي، سهڻي نبي، سچي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

1...بخاري،ڪتاب الجهاد و السير، باب الغدوة و الروحة...الخ، صفحه:726، حديث:2792 ـ
2... مراة المناجيح، جلد:5، صفحه:436 ملتقطاً
3... مراة المناجيح، جلد:5، صفحه:436 ملتقطاً

مسافر الله پاڪ جا محبوب بانها آهن. پڇيو ويو: ڪهڙا مسافر...؟ فرمايائون: اهي جيڪي پنهنجي دين لاءِ هِتان کان هُتي ۽ هُتان کان هِتي سفر ڪندا رهندا آهن، قيامت جي ڏينهن انهن کي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام وَٽِ گڏ ڪيو ويندو. (1)

## راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جو انوکو اثر

شيخ شهاب الدين سهروردي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: تهجد پڙهڻ، روزا رکڻ ۽ نفل نمازون پڙهڻ جو دل تي جيڪو اثر ٿيندو آهي، راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جو بہ اهو ئي اثر ٿيندو آهي. (2)

اَللّٰهُ اَکۡبَر! ڪيڏي عظيم ڳالهہ آهي ...!! تهجد پڙهڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟ ۞ دل تان گناهن جي مَرُ ڌوپجي ويندي آهي ۞ دل ۾ نور پيدا ٿيندو آهي ۞ باطني بيماريون نيڪ ٿي وينديون آهن ۞ نيڪين ڏانهن رغبت وڌندي آهي ۞ گناهن کان نفرت پيدا ٿيڻ لڳندي آهي ۞ اندر اجرو ۽ صاف ٿي ويندو آهي ۽ سمورا صوفياءِ ڪرام ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ تهجد جي نماز ۽ نفلي روزا انتهائي تيزيءَ سان دل کي پاڪ ۽ صاف ڪندا آهن، شيخ شهاب الدين سهروردي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ۞ دل کي پاڪ، صاف ۞ اجرو ۽ چمڪندڙ بڻائڻ ۾ جيڪو ڪردار تهجد جو آهي ۞ جيڪو اثر نفلي روزن جو آهي ۞ جيڪو تاثير نفلي نمازن جو آهي، اُهو ئي تاثير راهِ خدا جو مسافر بڻجڻ جو بہ آهي، يعني جيتري تيزيءَ سان تهجد جي برڪت سان دل صاف ٿيندي آهي، اوتري ئي تيزيءَ سان راهِ خدا جو مسافر بڻجڻ سان بہ دل صاف ٿيندي آهي.

دل کی کلیاں کِھلیں قافِلے میں چلو | رنج و غم بھی مٹیں قافلے میں چلو

---

1... زہد لابن مبارک، صفحہ:416، حدیث:1513۔
2...عوراف المعارف ،باب السادس عشر...الخ، صفحہ:75بتصرف۔

فضل کی بارِشیں، رَحمتیں نعمتیں | گر تمھیں چاہئیں قافلے میں چلو [1]

## راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جا ديني فائدا

شيخ شهاب الدين سهروردي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه وڏيڪ فرمائن ٿا ته جهڙي طرح دَباغَت (يعني چمڙي کي لوڻ لڳائڻ، ان کي پچائڻ ۽ صاف ڪرڻ سان) چمڙو نرم ۽ ملائم ٿي ويندو آهي، ان جي بدبو ختم ٿي ويندي آهي ۽ اهو پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو آهي، تيئن ئي راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان نفسِ اماره (يعني براين تي اڀارڻ وارو نفس) نرم، پاڪ، صاف ۽ خوشبودار ٿي ويندو آهي، ان جي سرڪشي ختم ٿي ويندي آهي، پوءِ اهو براين تي اڀارڻ وارو نه رهندو آهي پر نورِ ايمانيءَ سان روشن ٿي نيڪ ڪمن جو عادي بڻجي ويندو آهي. [2]

## راهِ خدا جا مسافر بڻجي وڃو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! هي ڪيڏا نه عظيم فائدا آهن، اسان اهو چئي سگهون ٿا ته راهِ خدا ۾ سفر هڪ پوري رياضت آهي، پنهنجو باطن پاڪ ڪرڻ جو ڪامياب ترين علاج آهي. ڇنهنڪري اسان کي گهرجي ته گهر ۾ نه ويهي رهون، عام طور تي روزاني جي معمول مطابق زندگي گذري رهي هوندي آهي، گهر کان دڪان، دڪان کان گهر، پنهنجي ئي شهر ۽ محلي ۾ هوندا آهيون، ٻاهر نڪرندا ئي نه آهيون. دين جو ڪم ائين نه ٿيندو آهي، باطن جي صفائي ائين نصيب نه ٿيندي آهي ۞ دل کي صاف ڪرڻو آهي ۞ پاڻ کي سڌارڻو آهي ۞ نيڪين جي عادت پيدا ڪرڻي آهي ۞ گناهن کان نفرت دل ۾ پالڻي آهي ۞ نيڪ نمازي بڻجڻو آهي ۞ تهجد گذار ٿيڻو آهي

---

1... وسائلِ بخشش، صفحه: 676۔

2...عوراف المعارف ،باب السادس عشر...الخ، صفحه:75بتصرف۔

۞ اخلاق سڌارڻا آهن ۞ باڪردار ۽ بااخلاق مسلمان بڻجڻو آهي، تہ ان جي لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرڻو پوندو، راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻو پوندو، حضرت بشر حافي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائيندا هئا: اي قاريو ...!! اي حق جا طلبگارو...!! سفر ڪريو! توهان پاڪ ٿي ويندؤ.[1]

| | |
|---|---|
| بے عمل باعمل بن گئے خاص کر | آپ بھی دیکھ لیں، قافِلے میں چلو! |
| بے شک اعمالِ بد اور اَفعالِ بد | کی چھٹیں عادتیں، قافِلے میں چلو! |
| کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے | اب نہ سستی کریں، قافِلے میں چلو! |

## قافلو ڀلاين جو مجموعو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِله! قافلو عبادت نہ پر عبادتن جو مجموعو آهي، نيڪي نہ پر نيڪين جو مجموعو آهي، خير نہ پر خير ۽ ڀلاين جو مجموعو آهي. قافلي ۾ سنتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن ۞ عِلۡمِ دِين جو درس ڏنو ۽ ٻڌو ويندو آهي ۞ ديني بيان ڪيا ۽ ٻڌا ويندا آهن ۞ پنهنجن عملن جو جائزو وٺڻ لاءِ حلقو لڳايو ويندو آهي ۞ تهجد، اشراق، چاشت، اوابين جا نفل ۽ نمازِ توبهہ پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ قرآن جون سورتون ياد ڪيون وينديون آهن ۞ فرض نمازون باجماعت مسجد ۾ پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿيندي آهي ۞ ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت نصيب ٿيندي آهي.

| | |
|---|---|
| سادگی چاہئے، عاجزی چاہئے | لینے یہ نعمتیں، قافلے میں چلو! |
| خُوب ہو گا ثواب اور ٹلے گا عذاب | پاؤ گے بخششیں، قافلے میں چلو! |
| ایسا فیضان ہو، حِفظ قرآن ہو | خوب خوشیاں ملیں، قافلے میں چلو! |

1...عوارف المعارف، باب السادس عشر...الخ، صفحه:78۔

## عِلمِ دين سکڻ جو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! قافلو عِلْمِ دِين سکڻ ۽ سيکارڻ جو بهترين ذريعو آهي. الحمدللّٰه! مدني قافلي جي برڪت سان ۞ سنتون سکڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ وضو ۞ غسل ۞ ۽ نماز جا ضروري مسئلا ۽ احڪام سکڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ قرآن ڪريم جون مختصر سورتون ياد ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ تجويد ۽ قراءَت سکڻ نصيب ٿيندو آهي ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجھ اهڙو آهي جيڪو اسان کي سکڻ جي ضرورت آهي، پر ڪجھ عِلمَ تہ اهڙا آهن جيڪي هر مسلمان تي سکڻ فرض آهن. اَلحمدُلِلّٰه! قافلي جي برڪت سان اهي فرض عِلمَ بہ سکڻ نصيب ٿي ويندا آهن.

## عِلمِ دين نہ سکڻ حسرت جو سبب آهي

پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ حسرت ان کي هوندي، **جنهن کي دنيا ۾ عِلمِ دين سکڻ جو موقعو مليو پر هن نہ سڪيو.** (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان وٽ موقعو آهي، وقت آهي، ساھ هلي رهيو آهي، اسان قيامت جي حسرت کان بچڻ جي تياري ڪريون، قافلن ۾ سفر ڪريون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عِلْمِ دِين سکڻ نصيب ٿيندو.

علم حاصل کرو جہل زائل کرو ۔ پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے تین دن کیلئے ۔ ہر مہینے چلیں قافلے میں چلو (2)

## نفلَ پڙهڻ جي سعادت

قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان مسجد ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان پنج وقت فرض نمازن جي ادائيگي ۽ نفلي نمازون جهڙوڪ تهجد، اشراق، چاشت ۽

1...تاريخ مدينہ دمشق،جلد:51،صفحہ:137۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:669، 670 ملتقطاً

اوَابين وغيره پڙهڻ جي سعادت بہ نصيب ٿيندي آهي.

هاڻي ڏسو! اسان وٽ عمل جي تہ اڳ ۾ ئي کوٽ آهي، ان سان گڏوگڏ علم جي بہ تمام گهڻي گهٽتائي آهي. شايد اسان مان ڪيترائي اهڙا هوندا، جن کي اشراق، چاشت ۽ اوابين جي نمازن جي باري ۾ خبر نہ هوندي تہ اُهي ڪهڙيون نمازون آهن. جڏهن تہ اوابين کي صالِحِين (يعني نيڪ ماڻهن) جي نماز چيو ويو آهي. قرآن ڪريم ۾ نمازِ اوابين پڙهڻ وارن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي:(1)

| | |
|---|---|
| فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْیُنٍۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ(۱۷) (پارو: 21، سورة سجده: 17) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ڪنهن ساهہ کي معلوم ناهي اها اکين جي ٺڌاڻ جيڪا انهن جي لاءِ انهن جي عملن جي بدلي ۾ لڪائي رکي آهي. |

ڪيڏو نہ پيارو اجر آهي، ڪيڏو نہ پيارو انعام آهي، جيڪي ماڻهو نمازِ اوابين پڙهندا آهن، تن جي لاءِ الله پاڪ اهڙيون نعمتون تيار ڪري رکيون آهن، جن کي ڏسي اکيون ٺري پونديون. اوابين جي نماز ڪهڙي آهي؟ اشراق ۽ چاشت جي نماز ڪهڙي آهي؟ اوهان قافلن ۾ سفر ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن نمازن جي معلومات بہ ملي ويندي ۽ انهن کي پڙهڻ جي سعادت بہ نصيب ٿي ويندي.

بے عمل باعمل بن گئے خاص کر | آپ بھی دیکھ لیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# نيڪين ڪمائڻ جو ذريعو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ يعني نيڪي جي راهہ ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ واري جي مثل آهي.(2)

---

1...در منثور، پاره:21 ، سورۀ سجده، زیرِ آیت:16، جلد:6، صفحه:546۔

2... ترمذی،ابواب العلم، باب ماجاء الدال علی الخیر کفاعله، صفحه:628، حدیث:2670۔

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو ۽ مشورو ڏيڻ وارو سڀئي ثواب جا حقدار آهن.[1]

اسان جڏهن ڪنهن ٻئي کي نيڪي جي دعوت ڏيندا آهيون ته اسان جي لاءِ ان نيڪي تي استقامت حاصل ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي نه صرف ايترو پر ان جي برڪت سان جيڪڏهن ڪمزوري به هوندي آهي ته ان جي ختم ٿيڻ جو امڪان وڌي ويندو آهي. تنهنڪري قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان نيڪين تي نه رڳو استقامت نصيب ٿيندي آهي، پر انهن ۾ اضافو به ٿيندو رهندو آهي. ڇوته جڏهن قافلي جا مسافر ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيندا، ته جيترا ماڻهو ان دعوت تي **لبيڪ** چوندا ۽ عمل شروع ڪندا، انهن سڀني جي عمل جي برابر دعوت ڏيڻ واري کي به ثواب ملندو. پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: جيڪو هدايت ڏانهن سڏيندو آهي، ان کي سڀني عمل ڪرڻ وارن جي برابر ثواب ملندو آهي ۽ انهن (عمل ڪرڻ وارن) جي ثواب ۾ به ڪا ڪَمِي نه ايندي آهي.[2]

خوب ہوگا ثواب اور ٹلے گا عذاب | پاؤ گے بخششیں، قافلے میں چلو[3]

## عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ڪرڻ جو ذريعو

قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي هڪ برڪت اها به آهي ته ان جي ذريعي نيڪ صحبت نصيب ٿيندي آهي. جي ها! جيڪي گهر ڪان نڪتا، ٻارن ۽ ڪٽنب کان پري ٿيا، ڪاروبار ڇڏيائون، ڏورانهن علائقن ڏانهن جتي انهن جو ڪو سڃاڻپ وارو يا عزيز نه آهي، صرف ۽ صرف دين جي خاطر، عِلْمِ دِين سکڻ جي خاطر، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي خاطر، سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جي خاطر

1... مراة المناجيح،جلد: 1، صفحه:194۔
2... مسلم،کتاب العلم، باب من سن سنة...الخ، صفحه: 1032،حديث:2674۔
3 ... وسائلِ بخشش، صفحه:672۔

سفر ڪري وڃڻ وارا آهن، مسجد ڪي، اللہ پاڪ جي گھر ڪي پنهنجي قيام گاھ بڻائڻ وارا آهن. جيڪڏهن اُهي بہ نيڪ نہ هوندا تہ پوءِ ڀلا ٻڌايو تہ ڪير نيڪ هوندو؟ اَلحمدُلِلّٰہ! قافلي جا مسافر، جتي ويندا آهن، اتي رهڻ وارن مسلمانن، مسجدن جي نمازين ۽ عاشقانِ رسول کي قافلي وارن جي صحبت ۽ برڪت نصيب ٿيندي آهي.

## بدمعاش شخص سُڌِري ويو

جلال پور پتيان (ضلع حافظ آباد، پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو واقعو آهي تہ هُو توبهہ کان پهريان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هو، علائقي جي آوارہ ۽ شرابي نوجوانن سان سندن اٿڻ ويهڻ هو، تنهنڪري هُو پاڻ بہ شراب ۽ ٻين گناهن جو عادي بڻجي ويو. گارگند ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ، جهيڙا جهَٽا ڪرڻ، مارَڪُٽ ڪرڻ وغيرہ انهن جي روزمرہ جي معمولات ۾ هو. مطلب تہ گھر وارن سان گڏوگڏ علائقي جا ماڻهو بہ سندن حرڪتن کان بيزار هئا.

سندن قسمت جو ستارو ايئن چمڪيو جو هڪ ڀيري ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي سمجهائڻ تي هُو قافلي جا مسافر بڻجي ويا. اَلحمدُلِلّٰہ! اتي کين نيڪ صحبت ميسر ٿي، سنتون سکڻ جو موقعو مليو، خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي موضوع تي بيان ٻڌڻ لاءِ مليا، مسجد ۾ رهڻ نصيب ٿيو، جنهن جي برڪت سان انهن توبهہ ڪئي، پنهنجي مٿي تي عمامو شريف سجايائون، ڏاڙهي مبارڪ بہ رکرايائون ۽ اَلحمدُلِلّٰہ! پنهنجيون خراب عادتون ڇڏي نيڪ نمازي بڻجي ويا. (1)

| | |
|---|---|
| دل کی کَلیاں کِھلیں قافِلے میں چلو | رنج و غم بھی مٹیں، قافلے میں چلو |
| دل کی کالک دُھلے، دردِ عِصیاں ٹلے | آؤ سب چل پڑیں، قافلے میں چلو |

1... اوباش دعوتِ اسلامی میں کیسے آیا، صفحہ:4۔

ڪہتے عطّارؔ ہیں، جو مرے یار ہیں | وہ ہر اک سے کہیں، قافلے میں چلو [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# قافلن ۾ سفر ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! راهه خدا ۾ سفر ڪرڻ جون ان ڪان علاوهہ بہ ڪوڙ ساريون برڪتون آهن، توهان بہ قافلن ۾ سفر ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ بيماريون دور ٿينديون ۞ تنگدستي ڪان نجات ملندي ۞ رزق ۾ برڪت ٿيندي ۞ دعائون قبول ٿينديون ۞ گهريلو ناچاقيون ۽ ناجائز مقدمن ڪان نجات ملندي ۞ نيڪ ماڻهن جي صحبت نصيب ٿيندي ۞ سنتن تي عمل ڪرڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جو ذهن ملندو ۞ دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب ٿينديون.امير اهل سنت دامَت بَرَڪاتُهُمُ العالِيہ فرمائن ٿا: هر اسلامي ڀاءُ زندگيءَ ۾ هڪ ئي وقت 12 مهينا ۽ هر 12 مهينن ۾ هڪ مهينو ۽ سڄي عمر هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلن ۾ سفر ڪري ۽ هن سفر جي معمول کي پنهنجي مٿان نافظ ڪري ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري.

وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: ۞ قافلو نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ذريعو آهي ۞ قافلو جڻ تہ حيوان کي انسان بڻائي ڇڏي ٿو ۞ قافلو تبليغ دين جو بهترين ذريعو آهي ۞ قافلي ۾ دين جو درد ۽ اٿڻ نصيب ٿئي ٿي ۞ قافلي ۾ سفر ڪريو دنيا ۽ آخرت جا فائدا ٿيندا. اَلحمدُلِلّٰه! **3** ڏينهن، **12** ڏينهن، هڪ مهينو ۽ **12** مهينن جا قافلا سفر ڪندا ئي رهندا آهن، پر هاڻي تہ **ماهِ قافلہ** شروع ٿي رهيو آهي. يعني مرڪزي مجلس شوريٰ جي طرفان **نومبر مهيني** کي **ماهِ قافلہ** طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:676، 677 ملتقطاً

قافلو ديني ڪم آهي، نيڪيءَ جو ڪم آهي، نيڪ ڪم ڪندو ئي رهڻ گهرجي، پر هن مهيني ۾ خاص طور تي وڌ ڪان وڌ قافلا سفر ڪندا. توهان به **ماهِ قافلہ** ملهايو! پاڻ به قافلي جا مسافر بڻجو! پنهنجن عزيزن، پٽن، پائرن، سوٽن، ماساتن ۽ دوستن کي به ترغيب ڏياري سفر ڪرايو! موبائل تي، ايس ايم ايس جي ذريعي، واٽس ايپ جي ذريعي يا سامهون ئي جنهن سان به ۽ جتي به ملاقات ٿئي، قافلن جي ترغيب ڏيندا رهو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب ملندو رهندو.

| | |
|---|---|
| بارہ مہ کیلئے تیس دن کیلئے | بارہ دن دے ہی دیں قافلے میں چلو |
| سنّتیں سیکھنے تین دن کیلئے | ہر مہینے چلیں قافلے میں چلو |
| یاخدا ہر گھڑی رٹ ہو عطّار کی | قافلے میں چلیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن "**فيضانِ حديث**" جي نالي سان ***Play Store*** ۽ ***App Store*** تي جاري ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب جهڙوڪ: ۞ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۞ الْأَرْبَعِيْنِ النَّوَوِيَّة اردو ترجمي ۽ تشريح سان ۞ رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمي ۽ تشريح سان ۞ أَرْبَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ۞ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) ۽ اَنْوَارُ الْحَدِيْث (اردو)

شامل آهن ۞ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اوهان احاديثِ ڪريمہ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي لحاظ کان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي لحاظ کان پنهنجي پسند جو موضوع بہ پڙهي سگهو ٿا ۞ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا هڪ حديث ۾ مختلف لفظ، مڪمل جملو، حديثِ پاڪ جا عربي الفاظ، ان جو ترجمو ۽ شرح الڳ الڳ بہ تلاش ڪري سگهجي ٿو ۞ حديث پاڪ جو عربي متن اعرابن سان ۽ بغير اعرابن جي، ٻنهي طريقن سان ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ۞ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده احاديث کي ***Favorite*** ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ۞ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئر ڪرڻ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! پاڻ بہ حديث پاڪ جو فيض حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

## ڪجهہ ضروري اعلانات

۞ هر ڇنڇر تي امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، اينڌڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً 8 لڳي 30 منٽن تي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقان رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو ۞ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، اينڌڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **بي حساب مغفرت ڪرائڻ وارا اعمال** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽

ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو!
۞ والدين جا حق سندن حياتيءَ تائين ئي محدود نہ هوندا آهن، پر سندن وفات کان پوءِ بہ ساڻن ڀلائي ڪرڻ جا ڪيترائي دروازا کليل هوندا آهن، مثال طور: صدقي، ايصالِ ثواب ۽ نيڪين جي ذريعي بہ والدين کي مرڻ کان پوءِ فائدو پهچائي سگهجي ٿو. هن حوالي سان مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي تمام پيارو رسالو **مرحوم والدين جا حق**. هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **40 رپين** ۾ خريد فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي پڙهڻ جي دعوت ڏيو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا!　|　جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسجد جا آداب

اي عاشقانِ رسول! نُزهة القاري ۾ آهي: جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهريان ساڄو پير اندر رکو پوءِ کابو ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪرو تہ پهريان

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

ڪاٻو پير ٻاهر رکو پوءِ ساڄو. ❀ بغير اعتڪاف جي نيت جي مسجد ۾ ڪا به شيءِ کائڻ پيئڻ جي اجازت نہ آهي ❀وضو ڪرڻ کان پوءِ ڏوتل عضون مان وضوءَ جي پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ مسجد جي فرش تي نہ ڪِري ❀ مسجد ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ جنهن سان پيرن جو آواز پيدا ٿئي منع آهي ❀ مسجد ۾ جيڪڏهن نِڇَ، اوٻاسي يا کنگهہ وغيره اچي تہ ڪوشش ڪريو تہ آواز آهستي نڪري ❀ مسجد ۾ دنيا جي ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي وڃي پر جيڪڏهن ڪا ديني ڳالهہ ڪنهن سان ڪرڻي هجي تہ ويجهو وڃي ساڻس آهستي ڳالهايو، ائين نہ ٿئي جو ڪو ماڻهو مسجد ۾ اُتِي ويهي ۽ روڊ تي بيٺل راهگير سان بلند آواز سان ڳالهائي يا وري ڪو مسجد جي ٻاهران ڪيس پڪاري رهيو هجي ۽ هي ڪيس بلند آواز سان جواب ڏئي رهيو هجي ❀ ڪنهن جي مذاق اڏائڻ هونئن ئي منع آهي ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز ❀ مسجد ۾ کلڻ قبر ۾ انڌيرو آڻيندو آهي.[(1)] ها، موقعي جي مناسبت سان مسڪرائڻ ۾ حرج نہ آهي ❀ مسجد جي فرش تي ڪا بہ شيءِ نہ اڇلائجي پر آهستي رکجي. لکڻ، يا چٽِي وغيره رکڻ وقت پري کان اڇلائي ڇڏيندا آهن ان کان منع ڪيو ويو آهي، مطلب تہ مسجد جو احترام ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي ❀ مسجد ۾ حدث (يعني هوا خارج ڪرڻ) منع آهي. ضرورت هجي تہ ٻاهر هليو وڃجي.[(2)]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان

---

1... فردوس الاخبار، جلد:2، صفحہ:41،حديث:3706۔
2... فيضانِ رمضان، صفحہ:37 ملتقطاً

رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

1... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴾3﴿ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴾4﴿ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴾5﴿ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2... القول البديع، الباب الثانى، ص277

3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [4]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305
4 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455